**پروفيسر طارق عزيز شيخ**
سنڌي شعبو، سنڌ گورنمينٽ نيشنل ڪاليج 1، ڪراچي

# ڪارونجهر تحقيقي جرنل۔10 جو جائزو

# A REVIEW OF KAROONJHAR RESEARCH JOURNAL OF JUNE, 2014

## ABSTRACT

It is highly encouraging that, off late, Karoonjhar Research Journal of Sindhi Department, Federal Urdu University Karachi has been recognized by the Higher Education Commission, Islamabad. This generous recognition would not only pave the way at creating an effective environment of research in Sindhi language, but this journal would offer an intellectual service rather a platform for the teachers and research scholars of the various universities. The credit of this all goes to Dr. Kamal Jamro, who has been serving in the Capacity of chairman of Sindhi Department of this University and a great number of students and research fellows are benefitting from his scholarly standing.

Ten issues of Karoonjhar are published so far and issue under review is first one after the recognition of HEC. This issue contains in itself a variety of well-researched articles ranging from Sindhi language, Linguistics, Sindhi classical poets and their poetic works, Bhakti Tehreek, Dramma, Surrealism etc. Besides, in Urdu section, three articles are given, which are very important and useful for the teachers and the taught as well. This article is based on analysis of the Karoonjhar.

تحقيقاتي ڪم جو معيار ٻين ڪمن جي ڀيٽ ۾ اعليٰ هجڻ جو اهم ڪارڻ اهو هوندو آهي، جو انهيءَ ڪم ۾ نيون ڳالهيون پڌريون ٿينديون آهن، جيڪي پنهنجو ريڪارڊ قائم ڪنديون آهن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر فهميده حسين کان وٺي ڊاڪٽر ڪمال جامڙي تائين سنڌ جي عالمن اهڙو ڪم ڪيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اڄ ڪيترائي ريسرچر لاڀ پرائي رهيا آهن. جنهن ڪم کي هن وقت ڊاڪٽر ڪمال جامڙو ايمانداريءَ ۽ خوبيءَ سان نڀائي رهيو آهي ان جو مثال ايئن ڏئي سگهجي ٿو جيئن اڳوڻن محققن بابت ڏجي ٿو. هن وقت وفاقي اردو يونيورسٽيءَ جي آرٽس فيڪلٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جو سربراهه آهي ۽ ڪيترائي شاگرد

توڙي ريسرچ فيلوز هن جي علمي قابليت مان فائدو وٺي رهيا آهن. اهڙو فائدو يونيورسٽي به کٽي رهي آهي ۽ تحقيقي جرنل "ڪارونجهر" سندس حوالي ڪيو ويو آهي. سندس محنت ۽ مهارت جي نتيجي ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن هن تحقيقي جرنل کي Recognize ڪيو آهي، جنهن سان نه رڳو سنڌ جي سمورين يونيورسٽين جي استادن کي فائدو ٿيندو بلڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ تحقيق کي به هٿي ملندي.

ڪارونجهر کي اهو اعزاز به حاصل آهي ته اردو يونيورسٽيءَ جي عبدالحق ڪيمپس جو واحد جرنل آهي، جنهن کي HEC منظور ڪيو آهي. عبدالحق ڪيمپس ۾ آرٽس فيڪلٽي، ايجوڪيشن فيڪلٽي، مينجمينٽ سائنسز فيڪلٽي، لا فيڪلٽي ۽ مذهبي مطالعي جي فيڪلٽيءَ جا مختلف شعبا آهن جن سڀني مان هيءُ اعزاز سنڌي شعبي ۽ اسان جي دوست ڊاڪٽر ڪمال ماڻيو آهي، جنهن تي مان کيس مبارڪ پيش ڪريان ٿو. HEC کان منظوري وٺڻ ڪا آسان ڳالهه ناهي. مون کي خبر آهي ته HEC جي اصول موجب ڇهه ماهي تحقيقي جرنل جا جڏهن چار شمارا شايع ٿيندا آهن ته پوءِ منظوريءَ لاءِ درخواست ڏني ويندي آهي. ڪمال کان پهريان 'ڪارونجهر' جا پنج شمارا اڳي ڇپجي چڪا هئا پر HEC انهن کي نه قبوليو، جنهن جي نتيجي ۾ هُن ٻُڙي کان شروعات ڪئي ۽ هن جڏهن HEC جي پاليسيءَ مطابق چار شمارا آندا تڏهن منظوري ملي.

جون 2014ع ۾ "ڪارونجهر" جو ڏهون شمارو پڌرو ٿيو آهي جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ لطيفيات ۽ شاعريءَ جي حوالي سان تحقيقي مقالا شامل آهن. سڀ کان پهريون مقالو "سنڌي ٻوليءَ جون وياڪرڻي خاصيتون ۽ ڳنڍيل ضمير" جي سري هيٺ انڊيا جي سنڌي عالم ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو آهي، جيڪو لسانيات جو ماهر آهي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو مقالو بظاهر گرامر تي ٻڌل آهي پر انهيءَ سان گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ ٻوليءَ تي ٿيل تحقيق بابت به سني ڄاڻ ڏنل آهي. سنڌي گرامر کي باريڪ بينيءَ سان بيان ڪندي هن سنسڪرت کان وٺي عربيءَ تائين نهايت سهڻي انداز سان مثال پيش ڪيا آهن. جڏهن ته سڄي مقالي جو تت اهو ڪڍيو اٿس ته موهن جي دڙي ۾ جيڪا ٻولي ان دور ۾ ڳالهائي ويندي هئي ان ۾ ڳنڍيل ضميرن جي استعمال واريون خاصيتون موجود هيون. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي اهو به مڃيو آهي ته عربيءَ ۽ فارسيءَ جي اثر سببان سنڌيءَ ۾ ڳنڍيل ضمير جو استعمال به عام جام رهيو آهي. مقالي ۾ ٻوليءَ جي صرفي ۽ نحوي لحاظ کان به هن تحقيق کي اڳتي وڌايو ويو آهي.

ٻيو مقالو سنڌ جي نامياري محقق، شاعر، اديب ۽ استاد ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جو "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ فڪر جي آزادي" فقط شاهه صاحب جي شاعريءَ جو ئي جائزو ناهي پر هن ۾ سنڌ جي تاريخ جو به تحقيقاتي ڪم نظر اچي ٿو. سنڌ جي سرتاج شاعر شاهه لطيف جي هر شعر مان ڪيئي پهلو ڪڍڻ جيان نڪرن

ٿا. هن مقالي ۾ شاهه صاحب جي ڪلام جو اهو مزاحمتي پهلو ملي ٿو، جنهن ۾ سنڌي قوم جو پنهنجيءَ ڌرتيءَ لاءِ آزاديءَ جو فڪر نمايان ٿئي ٿو. سنڌي ماڻهو صدين کان ونئي ڌارين جي غلاميءَ ۽ ڪاهن جي ور چڙهيو آهي. سنڌ ۾ سدائين بحران واري حالت رهي آهي. ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي مقالي ۾ اهو ئي ذڪر ڪيل موضوع آيل آهي. مقالو پڙهڻ دوران سنڌي سماج جو نفسياتي پهلو پڻ پڌرو ٿئي ٿو. شاه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي آزاديءَ وارو موضوع بار بار ڏنو ويو آهي، جيڪو ڊاڪٽر مانجهيءَ جي تحقيقاتي مقالي ۾ شاهه لطيف جي شاعريءَ جي مختلف سرن مان ڏنل بيتن ۾ واضح ٿئي ٿو. مقالي جوتت اهو ٿو نڪري تہ شاهه صاحب کي سنڌ جي آزاديءَ جو پيغام سنڌين ۾ عام ڪرڻ جو جذبو هو ۽ هن سنڌ جي ڏک درد کي سڃاڻي ورتو هو. اهو ئي درد ڪلام ذريعي پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

ٽيون مقالو ڊاڪٽر ڪمال جامڙي جو لکيل آهي، جيڪو سنڌ جي سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام کي مرتب ڪندڙ عالم ٻانهي خان شيخ جي علمي پورهئي تي لکيل آهي. مقالو ”ٻانهون خان شيخ: شاهه جي رسالي جو مرتب“ تنقيد نگاريءَ جي موضوع تي ٻڌل آهي. اڄڪلهہ تنقيد وارو موضوع اٿي ۾ لوڻ برابر ٿي چڪو آهي پر سنڌ جي ناميارو محقق ڊاڪٽر ڪمال جامڙي تنقيد نگاريءَ جي موضوع کي جاري رکيو آهي. هن پنهنجن مختلف مقالن ۾ هن صنف تي سنو ڪم ڪيو آهي، جيڪو هتي ذڪر ڪرڻ لازمي سمجهجي ٿو.

”ڪارونجهر“ جي هن مقالي ۾ بہ انتهائي تفصيل سان ڊاڪٽر ڪمال جامڙي تحقيقي ۽ تنقيدي طريقي سان ٻڌايو آهي تہ ٻانهون خان شيخ اهڙو شاهه جو پارکو هو، جنهن ڪلام کي سهيڙڻ کان علاوه ڪلام جي شرح ايتري ڀلي ڪئي آهي جو شاهه کي پڙهڻ نهايت سولو بڻجي پيو آهي. هن مقالي ۾ سڀ کان ڀلي ڳالهہ اها لڳي تہ محقق ڊاڪٽر ڪمال ٻانهي خان شيخ جي سوانح ۽ گڏ ڪيل ڪم کي پيش ڪرڻ کان علاوه انهيءَ جي ڪم تي ٿيل سموري تنقيد بہ شامل ڪئي آهي. ٻانهي خان شيخ جا خط جيڪي پڻ تنقيد جي حوالي سان ٽمٽار آهن، اهي بہ ڏنا ويا آهن. ٻانهي خان جي سهيڙيل ”شاهه جي رسالي“ کي شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران سنڌ جي ناميارو محققہ ۽ نقاد ڊاڪٽر فهميده حسين 2000ع ۾ شايع ڪرايو هو. هن ”شاهه جي رسالي“ جي پڌري ٿيڻ بعد ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي استاد رخمان گل پالاريءَ پنهنجي بي رحم تنقيد شروع ڪئي تہ رسالي کي اڃا بہ پذيرائي ملي. ٻانهي خان شيخ مٿس ٿيندڙ تنقيد کي قبوليو ۽ جواب ۾ وضاحت بہ ڪيائين. هن تنقيد ڪانپوءِ بہ ٻانهي خان شيخ جا ترتيب ڏنل ٻہ جلد ٻيا بہ آيا. ٻانهون خان سنڌ جو اهو لطيفيات جو ماهر هو، جنهن خاموشيءَ سان علمي پورهيو ڪيو. شاهه لطيف جي نگريءَ سان نسل درنسل واسطو رکندڙ هن عالم کي

لطيف سرڪار سان وڏي عقيدت ۽ محبت رهي. هن پنهنجي ڪم ۾ گهٽي ڪان گهٽو نج ڪلام شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين شاهه لطيف لاءِ علمي پورهئي ۾ جُتو رهيو. ڊاڪٽر ڪمال ڪي جس آهي جو ههڙي خاموش خدمتگار تي لکيو اٿس ۽ پهريون ڀيرو سندس سوانح ڪي بہ شامل ڪيو ويو آهي، ان ڪان اڳي ٻانهي خان جي آٽو بائيو گرافي ڪڏهن بہ ناهي آئي.

چوٿون مقالو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جي استاد الطاف حسين جوکئي جو "نون وينجن ساڪن (قريب مخرج- آوازن ۽ جمع جي گرداني صورت سبب) جو معاملو" جي عنوان هيٺ آهي. هيءُ مقالو سنڌي ٻوليءَ جي نُون اکر تي لکيل آهي. ٻوليءَ تي تحقيق جي زمري ۾ لکيل هن مقالي ۾ صوتياتي نظام موجب باريڪ بينيءَ سان جائزو ورتو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ڪان وٺي موجوده حالت تائين پڻ تحقيقي کوجنا ڪئي وئي آهي. محقق پنهنجي علمي پورهئي ۾ نتيجو ڪڍيو آهي تہ نُون اکر سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوت موجب ڪنهن اسم جي جمع صورت ۾ حرف جر ڳنڍڻ جي حالت ۾ "نُون" جو اضافو ڪيو ويندو آهي، جنهن ڪي نون ساڪن چئبو آهي. سنڌي صورتخطيءَ ۾ نون ٽن حالتن ۾ ڪتب اچي ٿو: 1.نون وينجن متحرڪ، 2: نون وينجن ساڪن، 3: نُون گُهٽو.

جوکئي صاحب سنڌي گرامر جي قانون مطابق ٻوليءَ جي عالمن ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ ٻين جا نظريا پڻ شامل ڪيا آهن، جڏهن تہ ديوناگري، عربي ۽ اردو ٻولين جي تحقيقن جا خاڪا مثالن ۽ حوالن طور ڏئي سنڌي صورتخطيءَ ۾ اکر "نُون" تي بحث ڪيو اٿس. ٻوليءَ جي موضوع تي تفصيل سان لکيل هن مقالي ۾ اٽڪل پندرنهن سب ٽائيٽل ٺهائي خاڪا ناهيا ويا آهن. سنڌي گرامر جو اٽلپ موضوع "ڪارونجهر" تحقيقي جرنل لاءِ موتين جي مالها ۾ جرڪندڙ موتيءَ مثل آهي.

پنجون مقالو "سنڌي ناٽڪ جو ابو: پروفيسر منگهارام ملڪاڻي" ناميارو ليکڪ ۽ استاد قاسم راڄپر جو آهي. هن سنڌي ادب جي روشن ستاري منگهارام ملڪاڻيءَ جي ناٽڪ نويسيءَ تي قلم آرائي ڪئي آهي. ملڪاڻي صاحب انگريزي ادب جو پروفيسر، سنڌي ادب جو استاد، ثقافتي تنظيمن جو باني‌ڪار، ناٽڪ منڊلين جو هيرو، سنڌي مضمون نگاريءَ جو ماهر، اعليٰ انداز ۾ ترجمي نگار ۽ محقق هو. قاسم راڄپر هن گهڻ پاسائين شخصيت جي ناٽڪ نويسيءَ واري پهلوءَ تي مقالو لکيو آهي، جيڪو ايترو تفصيلي آهي جو ملڪاڻي صاحب جا ٻيا علمي ادبي ۽ ثقافتي ڪم بہ ان ۾ اچي ٿا وڃن.

سنڌي ادب ۾ ناٽڪ نويسيءَ جي پنهنجي الڳ تاريخ آهي. هن جي شروعات اڌا رام ٿانور داس ڪئي يا منگهارام ملڪاڻيءَ يا ڪنهن ٻئي اهو الڳ

بحث آهي ۽ ڪوجنا ڪري ضرور ثابت ڪرڻ گهرجي ته سنڌي ناٽڪ جي ابتدا ڪٿان ٿي ۽ ڪنهن ڪئي؟ قاسم راڄپر منگهارام ملڪاڻيءَ جو سچو سارو علمي پورهيو ڏنو آهي. انگريزن جي دور جي تاريخ ۾ سنڌي ادب وڏي ترقي ڪئي ۽ انهيءَ ترقيءَ مان جيڪڏهن ملڪاڻي صاحب جي ڪم کي ڪڍي ڇڏجي ته سنڌي ادب جي تاريخ اڌوري ٿي ويندي. سنڌي ناٽڪ جو مرڪز حيدرآباد شهر هو، جتان سنڌي ادب جا ڪيترائي ستارا نڪري نروار ٿيا.

هن مقالي ۾ منگهارام ملڪاڻيءَ جي ناٽڪ نويسيءَ کان علاوه ناٽڪن ۾ ڪيل اداڪاريءَ ۽ هدايتڪاريءَ جا به تفصيل آهن. سڀ کان خوبيءَ واري ڳالهه اِها لڳي ته ملڪاڻي صاحب جي ناٽڪن جو مڪمل تفصيل سال ۽ رچائيندڙ يا ڇپائيندڙ موجب ڏنو ويو آهي. 1927ع کان وٺي 1979ع تائين منگهارام ملڪاڻيءَ جي لکيل، پيش ڪيل ۽ ڇپيل ناٽڪن جو وچور ڏنو ويو آهي، هن جي 52 ورهين جي علمي پورهئي تي قاسم راڄپر جي تحقيقي مقالي ۾ دلچسپي پڻ ڏسڻ وٽان آهي، جنهن تحقيق جي اهم اصول تنقيدنگاريءَ کي به آڏو رکيو آهي.

ڇهون مقالو ”سرريئلزم: سنڌي ادب تي ان جو اثر“ جي سري هيٺ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي استاد ساجده پروين جو لکيل آهي، هيءُ مقالو تنقيد جي جديد تحريڪ تي لکيو ويو آهي. ليکڪا ڄاڻايو آهي ته هيءَ تحريڪ حقيقت پسنديءَ تي ٻڌل آهي. 20 صديءَ جي هن تحريڪ جو نظريو يورپي دانشورن ڏنو. هن نظرئي جو تعلق نفسياتي رجحانن ۽ سوچن جي عمل دخل سان آهي. ليکڪا ساجده پروين تمام محنت سان سرريئلزم بابت لکيو آهي، هن طرح جا مقالا هجڻ کپن ڇاڪاڻ ته سنڌي ادب ۾ جديد لاڙن کي متعارف ڪرائڻ به ادبي ترقيءَ ۾ شمار ٿئي ٿو. هيءُ مقالو پڙهڻ بعد اندازو ٿئي ٿو ته سنڌي ادب ۾ سرريئلزم جو اثر ڊگهي وقت کان پيل آهي، ڪوجنا ڪئي وڃي ته اسان وٽ هن نظرئي کي انگريزن کان اڳي جو ڏيکاري سگهجي ٿو؟ ادب جي دنيا ۾ وقت سر تحريڪون آيون آهن. ترقي پسنديءَ جي تحريڪ کي سڀ کان وڌيڪ پذيرائي ملي هئي. سرريئلزم واري تحريڪ فني ۽ فڪري آهي ۽ سنڌي ادب ۾ قديم کان جديد تائين موجود آهي.

ستون مقالو ”اسماعيلي پرچارڪ ۽ سنڌي ادب“ غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ حضرت امام جعفر صادق جي وفات کان شيعن جي ٻن ٽولن ۾ ورهائجڻ کان وٺي اسماعيلين ۽ عباسين جي اختلافن تائين تفصيل ڏنل آهي. سنڌي ادب ۾ جيڪو اسماعيلي مبلغن جو سلسلو ڏنل آهي، اهو ئي هن مقالي ۾ ورجايل آهي. ان کان علاوه گنان چوندڙ شاعرن جي اهائي ترتيب آهي جيڪا سنڌي ادب جي تاريخ ۾ آيل آهي: پير شمس الدين، پير صدر الدين، پير حسن ڪبير الدين ۽ پير تاج الدين جا گنان به سنڌي ادب جي تاريخ مان لاٿا ويا آهن.

انون مقالو ”سنڌي شاعريءَ تي ڀڳتي تحريڪ جو اثر“ جي سري هيٺ سنڌي براڊ ڪاسٽنگ جي ناميارِي شخصيت، ليکڪا ۽ ڪهاڻيڪاره عابده گهانگهرو جو آهي. هن مقالي ۾ ڀڳتي تحريڪ جيڪا تيرهين صديءَ ۾ هند سنڌ ۾ هلي هئي، انهيءَ جي ڪري مذهبي، سياسي ۽ سماجي تبديلي رونما ٿي چڪي هئي. معاشري ۾ جنهن تحريڪ جا ايڏا گهرا اثر مرتب ٿيا هجن، انهيءَ جو لازمي طور تي سنڌي ادب تي به اثر پيو هو ۽ مقالي ۾ اهو ئي کوجنا ڪري ڏيکاريو ويو آهي ته سنڌي شاعريءَ تي ڀڳتي تحريڪ جو اثر ڪلاسيڪي شاعريءَ جي دور کان وٺي صوفي شاعرن تائين ورتو ويو ۽ ان کي پنهنجي فڪر ۾ به بيان ڪيو ويو. هتي هڪڙي ڳالهه ان ڏس ۾ آئون به جوڙيندو هلان ته سنڌ ۾ سچل واري دور ۾ ڀڳتي تحريڪ وارو اثر تمام سٺيءَ طرح ڇانيل هو. پاڻ سچل سرمست جو انداز ۽ فڪر ان جو وڏو ثبوت آهي. هن مقالي ۾ تحقيقي جائزو نهايت ڀلي انداز ۾ ورتل آهي. ڪلاسيڪي شاعرن کان وٺي جديد شاعرن جو ڪلام هڪ تسلسل ۾ مليل ٿو. ان کان علاوه ريڊيو تي وي ۽ اسٽيج جي گلوڪارن، ڊرامن ۽ فنڪارن جي حوالن کي پڻ انهيءَ سلسلي ۾ جوڙيو ويو آهي. هن مقالي مان تت نڪري ٿو ته سنڌ جي صوفي ازم ۽ ڀڳتي تحريڪ ۾ تمام گهڻي ويجهڙائي آهي.

ڪارونجهر جي اردو ڀاڱي ۾ چار مقالا ڏنل آهن. پهريون مقالو سنڌ جي ناميارِي محقق ڊاڪٽر بشير احمد شاد جو ”حضرت سچل سرمست ڪي ڪلام ۾ قرآن حڪيم اور احاديث نبوي ﷺ ڪي حوالاجات“ جي عنوان سان آهي. مقالي ۾ قرآن پاڪ جون آيتون تحقيق ڪري سچل جي ڪلام سان رکيو ويون آهن. سچل جي ڪلام تي واضح طور قرآن پاڪ جو اثر ڏسجي ٿو. سچل جي شاعري ڪهڙيءَ به ٻوليءَ ۾ ڪيل هجي پر سندس فڪر ۽ فلسفو ساڳيو ئي آهي، سندس پيغام ساڳيو ئي آهي. هن مقالي ۾ سچل جي سنڌي، اردو، فارسي ۽ سرائڪي شاعريءَ جا اهي حوالا مثال طور ڏنا ويا آهن، جن ۾ قرآني آيتون ۽ حديثون آهن. سچل سرمست جي اناالحق واريءَ گونج ۽ جلالي انداز جو به ذڪر جا بجا اثرائتي انداز ۾ ٿيل آهي. هن مقالي ۾ سچل سائينءَ جي شاعريءَ جو ڀرپور تحقيقي جائزو وٺڻ کان علاوه قرآن ۽ حديث جو مطالعاتي جائزو به تمام سهڻي طريقي سان ورتل آهي.

اردوءَ ۾ ٻيو مقالو ناميارِي محقق ۽ اردو يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جي سربراهه ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جو ”شاه عبداللطيف ڀٽائي پر تعليمي تحقيق: ايڪ جائزه“ جي سري هيٺ لکيل آهي. مقالي ۾ شاه لطيف جي سوانح کان وٺي متس ٿيل تحقيق بابت بحث مليل ٿو. اهم ڳالهه هيءَ اخذ ڪئي وئي آهي ته شاه لطيف تي اڪيڊمڪ ريسرچ ڪيئن شروع ٿي، ڪنهن کان شروع ٿي ۽ پوءِ ان جو دائرو ڪيئن وڌندو رهيو. ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو هوندي به تحقيق جي ڀلي مهارت رکي ٿو ۽ هن

شاهه لطيف جي حوالي سان پلو تحقيقي پورهيو ڪيو آهي. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر ڪمال هيل تائين ٿيل شاهه لطيف تي پي ايچ-ڊيز جو ترتيبوار وچور به ڏنو آهي. جيڪو شاهه صاحب تي تحقيقي ڪم ڪندڙن لاءِ لاڀائتو ٿيندو.

اردو ڀاڱي جو ٽيون مقالو اردو يونيورسٽيءَ جي اردو شعبي جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر ياسمين سلطانه ۽ اصغر علي جيڪو پڻ اردو يونيورسٽيءَ جي بين الاقوامي تعلقات واري شعبي ۾ ليڪچرار آهي، جو گڏيل طور لکيل آهي. مقالي جو عنوان ”اردو شاعري ڪا عصري تناظر: ارتقائي رجحانات“ آهي. مقالي ۾ اردو شاعريءَ جي تاريخ کي آڏو رکي ان جو تهذيبي، سماجي، ثقافتي ۽ سياسي پهلوئن سان تحقيقي جائزو ورتو ويو آهي. اردو زبان جا ڪلاسيڪي شاعر حالتن کي ڪيئن ٿا ڪلام ۾ قيد ڪن ان جو حوالن سان مثال ڏنو ويو آهي. ان ڏس ۾ غالب، مير درد، سودا ۽ بهادر شاهه ظفر جا شعر واقعن سان ڀيٽائي آڏو رکيا ويا آهن.

ڪارونجهر جو آخري مقالو فوزيه پروين جو ”افسر امروهوي: اردو زبان ڪي ايڪ بهترين شاعر يا محقق“ جي عنوان سان آهي. انڊيا جو تاريخي شهر امروهه علم ادب ۽ تهذيب جو مرڪز رهيو آهي. ان حوالي سان امروهه سان واسطو رکندڙ ماڻهن ۾ علمي ادبي مزاج گهڻو ڪري ملي ٿو. مقالي ۾ امروهه جو تعارف پيش ڪيو ويو آهي جڏهن ته اردو جي مشهور شاعر افسر امروهويءَ جي ڪلام جو سرسري جائزو ورتل آهي. ليڪ ڀڏائن ٿا ته تحقيق ۽ شاعري سندس زندگيءَ جا اهم ڪارناما آهن.

ڪارونجهر تحقيقي جرنل جو مجموعي طور جائزو ورتو وڃي ته سنڌ جي يونيورسٽين مان جاري ٿيندڙ تحقيقي جرنل مان پلي معيار جو جرنل آهي، جنهن جو سڄو سارو ڪريڊٽ ڊاڪٽر چامڙي تي آهي.

حوالو:

ڇهه ماهي تحقيقي جرنل ”ڪارونجهر“ (جلد-6، شمارو: 10، جون 2014) ايڊيٽر: ڊاڪٽر ڪمال چامڙو، سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي، عبدالحق ڪيمپس، ڪراچي.